# جواني ۾
# عبادت جا فضائل

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جواني ۾ عبادت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

شهنشاهِ خوش خصال، سلطانِ شيرين مقال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ اهڙو فرشتو منهنجي قبر تي مُقرّر فرمايو آهي، جنهن کي پُوري مخلوق جي آواز ٻڌڻ جي طاقت عطا فرمائي آهي، بس قيامت تائين جيڪو بہ مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو تہ اهو (فرشتو) مون کي ان جو ۽ ان جي والد جو نالو پيش ڪندو رهندو تہ فُلان بن فُلان توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي (هن وَقت) دُرُودِ پاڪ پڙهيو آهي.

( مسندِ بزّار،الجزء الرابع عشر،مسند عمار بن ياسر،ابن الحميرى عن عمار،۲۵۴/۴،حديث:۱۴۲۵)



www.dawateislami.net

ڏور و نزديک کے سُننے والے وہ کان  کانِ لعلِ کرامت پہ لاکھوں سَلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1......(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ✿ اللّٰه جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ✿ ڏسي بيان ڪندس ✿ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ✿ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ✿ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ✿ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ✿ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ✿ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع "جواني ۾ عبادت جي فضيلت" آهي. عام طور تي جواني جا ڏينهن بي فِڪري ۽ بي پرواهي ۾ ان حَسين لمحن جي بي قَدري، پوڙهائپ ۾ پڇتائڻ جو سبب بڻجندي آهي.

---

[1] (بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، باب ما ذڪر عن بني اسرائيل ج2، ص 462 حديث 3461)



www.dawateislami.net

تنهنڪري جيستائين جواني باقي ۽ صحت سَلامت آهي ته ان کي وڌ کان وڌ عبادت ۾ گذارڻ تمام ضروري آهي.

## عبادت گذار نوجوان

هڪ بُزرگ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون هڪ نوجوان کي آبادي ۽ ماڻهن کان جُدا جُدا اڪيلو جهنگ ۾عبادت ۾ مصروف ڏٺم. مون ان نوجوان کي سلام ڪيو، ان نوجوان جواب ڏنو. پوءِ مون ان نوجوان کي چيو: اي نوجوان! تون ڪهڙي سبب وِيران جڳهه اختيار ڪئي آهي، جتي تنهنجو نه ڪو مددگار آهي، نه رفيق؟ ان چيو: چو نه، مون کي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو قسم! منهنجو مددگار به آهي ۽ رفيق به. مون پڇيو: (تنهنجو) مددگارءِ رفيق ڪٿي آهي؟ ان نوجوان جواب ڏنو:اهو پنهنجي عزّت سان گڏ مون تي فَوقِيت رکي ٿو، پنهنجي عِلمءِ حڪمت سان، مون سان گڏ آهي، پنهنجي هدايت سان منهنجي سامهون ۽ان جي نِعمت ۽ عظمت منهنجي ساڄي ۽ کابي آهي. جڏهن مون هي ڪلام ٻُڌو ته عرض ڪيو: ڇا توهان مونکي پنهنجي صُحبت اِختيار ڪرڻ جي اجازت ڏيندا؟ ته اهو نوجوان چوڻ لڳو: توهان جي رفاقت مون کي عبادت کان غافِل ڪري ڇڏيندي ۽ آئون ان ڳالهه کي پسند نه ٿو ڪريان، (ڇو جو) اوپر کان اولهه تائين زمين جو بادشاه منهنجي لاءِ ڪافي آهي. مون پڇيو:توهان کي ان جڳهه تي وَحشَت (گهبراهٽ) نه ٿي ٿئي؟ ان نوجوان شخص مون کي جواب ڏنو:جنهن جوحبيب ۽ اَنيس، الله عَزَّوَجَلَّ هجي، ان کي ڇو وَحشَت ٿيندي؟ مون پڇيو: کاڌو ڪيئن کائيندا آهيو؟ جواب ڏنائون: جڏهن آئون ننڍو هئس ته ان(ربّ عَزَّوَجَلَّ) پنهنجي مهرباني ۽ ڪرم سان ماءُ جي پيٽ اندر ۾ به مون کي غِذا ڏني ۽ هاڻي جڏهن ته



www.dawateislami.net

آئون وڏو ٿي ويو آهيان ته اهو (ربّ عَزَّوَجَلَّ) منهنجي ڪفالت چو نه فرمائيندو، منهنجي لاءِ ان وٿ مُقَرَّر ٿيل رِزق آهي ۽ ان جو وَقت به لکيل آهي.

پوءِ مون ان نوجوان شخص کي دُعا جي دَرخواست ڪئي ته ان مون کي هن طرح دُعا ڏني: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جي اکين کي پنهنجي نافرماني کان محفوظ فرمائي، توهان جي دل کي پنهنجي خوف سان پري ڇڏي ۽ توهان کي ان ماڻهن مان نه بڻائي، جيڪي ان جي غير ۾مشغول ٿي ڪري عبادت کان غافل ٿي ويندا آهن. ان کان پوءِ جڏهن اهي نوجوان وڃڻ جي لاءِ اُٿي بينا ته مون ان جي ويجهو وڃي ڪري عرض ڪيو: اي منهنجا ڀاءُ! وري ڪڏهن توهان سان مُلاقات ٿيندي؟ ته اهي مُسڪرائي ڪري چوڻ لڳا: اج کان پوءِ دنيا ۾ ته توهان سان مُلاقات نه ٿي سگهندي. ها! قيامت جي ڏينهن جڏهن سڀ ماڻهو جمع ٿيندا ان وقت جيڪڏهن توهان مون سان ملڻ چاهيو ته دِيدارِ الٰهي ڪرڻ وارن ۾ مون کي تلاش ڪجو. مون پڇيو: توهان کي اهو ڪيئن معلوم ٿيو؟ جواب ڏنائين: ان (ربّ عَزَّوَجَلَّ) جي عزّت جي قسم! انهي جي سبب معلوم ٿيو، چو جو مون پنهنجي اک کي حرام ڪيل شين کان ۽ پنهنجي نَفس کي خواهشن جي حُصُول کان باز رکيو ۽ رات جي انڌيري ۾ ان جي عبادت جي لاءِ اڪيلائي اِختيار ڪئي، (مون کي اُميد آهي ته اهو مون کان خُوش هوندو۽) اِن جي بدلي اهو مون کي پنهنجو دِيدار ڪرائيندو. پوءِ اهو نوجوان غائب ٿي ويو، ان کان پوءِ ڪڏهن ان نوجوان شخص سان مُلاقات نه ٿي سگهي.[1]

رہوں مست و بے خُود میں تیری وِلا میں پِلا جام ایسا پِلا یا الٰہی (وسائلِ بخشش ص 105)

---

1... الروض الفائق،المجلس الحادی و الثلاثون فی مناقب الصالحین،ص۱۶۶-۱۶۷



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪيل حڪايت ۾ ان نوجوان، جواني جي عالَم ۾ هن دنيا جي رنگينين کان ناطو ٽوڙي عبادت ۽ رِياضت ۾ خود کي مشغول رکيو ۽ شريعت جي حرام ڪيل شيون ڏسڻ کان باز رهيو ۽ اڪيلي سِر، ان ريگستان ۾ رهائش اِختيار ڪرڻ کان بہ نہ گهٻرايو. هن حڪايت ۾ بالخُصوص ان نوجوانن جي لاءِ عِبرت جا بي شُمار مدني گُل مَوجُود آهن جيڪي پنهنجي جواني جي نَشي ۾ مَدهوش رهندي نَفس ۽ شيطان جي چڪر ۾ اچي ڪري گُناهن ۾ مُلَوث رهندا آهن ۽ رَبّ تَعاليٰ جي ناراضي جو سامان ڪندا آهن. اهڙن کي گهرجي تہ جواني جي اَهميت کي سمجهندي ان جي قيمتي لمحن کي فُضول ڪمن ۾ برباد ڪرڻ جي بجائي عبادتِ الٰهي ۾ گُذارين تہ زِندگي ۾ اها **جواني جي نعمت** صرف هڪ ئي ڀيرو ملندي آهي.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حَضرَتِ مفتي احمد يار خان رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: صحّت، جواني، مالداري ۽ زِندَگي کي ضائِع نہ ڪريو، ان ۾ نيڪ عمل ڪري وٺو جو هي نعمتون بار بار نہ ٿيون ملن. (مزيد فرمائن ٿا تہ) جَواني راند روند ۾ گذاري ڪري پوڙهائپ ۾ جڏهن عضوا بيڪار ٿي وڃن ان وقت ڪثرتِ عِبادت جي خواهش ڪرڻ بي وقوفي آهي، جيڪو (عمل) ڪرڻو آهي، جَواني ۾ ڪري وٺو جو جَوان نيڪ ماڻهو جو، تمام وڏو دَرَجو آهي.[1]

رِياضَت کے یِہی دن ہیں بُڑھاپے میں کہاں ہِمّت     جو کچھ کرنا ہو اب کرلو ابھی نُوری جَواں تم ہو

(سامانِ بخشش از شہزادہ اعلیٰ حَضرت مُفتی ِ اعظم ہند رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ)

---

1... مرآة المناجيح، ١٦/٧، ملخصاً



www.dawateislami.net

## پانچ(5) سُوالَ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جواني يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي عَطا ڪيل نعمتن مان هڪ عظيم نعمت آهي تہ جنهن جو ڪو ملهہ ناهي، هڪ ڀيرو گذري وڃي تہ پوءِ اَربين، کربين روپيا خَرچ ڪرڻ سان بہ حاصل نٿي ٿي سگهي، جيڪڏهن اسان دُنيا ۾ رهندي پنهنجي جواني الله عَزَّوَجَلَّ جي اِطاعت ۽ عِبادت ۾ گذاري هوندي تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن حَسرت ۽ شرمندگي کان بچي وينداسين، نہ تہ ان نعمت جي ناقدري جي سبب شَديد ذِلّت ۽ خَواري کي منهن ڏيڻو پوندو. ڇو جو قيامت جي ڏينهن جواني جي مُتَعَلّق بہ سوال ڪيو ويندو. جيئن تہ ....

شفيعِ روزِ شُمار، پنهي جهانن جي مالڪ ومختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: انسان ان وقت تائين قيامت جي ڏينهن پير نہ هٽائي سگهندو، جيستائين جو هنن پنجن سوالن جا جواب نہ ڏئي. (1) تو زندگي ڪيئن گذاري؟ (2) جواني ڪيئن گذاري؟ (3) مال ڪٿان ڪمايو ۽ (4) ڪٿي ڪٿي خرچ ڪيو؟ (5) پنهنجي علم جي مطابق ڪيتري قدر عمل ڪيو؟ [1]

جيڪو خُوش نصيب پنهنجي جواني جي قَدر ڪندي نَفساني خواهشن کان مُنهن موڙي ڪري خالصتاً، الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي حُصول جي خاطر پنهنجا ڏينهن ۽ رات عِبادت ۽ رِياضت ۾ گذاريندو آهي، تہ اهو دُنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون حاصل ڪري وٺندو. اچو تہ! انهيءَ متعلق چار (4) فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون ٿا:

---

1... ترمذی، کتاب صفة القیامة...الخ، باب فی القیامة،۴/۱۸۸،حدیث: ۲۴۲۴



www.dawateislami.net

## عبادت گذار نوجوان جو مقام

(1) پنهنجي جوانيءَ عبادت ڪرڻ واري نوجوان کي، پوڙهائپ ۾ عبادت ڪرڻ واري پوڙهي تي ائين ئي فضيلت حاصل آهي جيئن ته جيئن مُرسَلِين عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي سيني نبين تي.[1]

## ٻاهتر (72) صِدّيقن جي ثواب جو حقدار

(2) جنهن نوجوان دُنيا جي لذت ۽ ان جي عيش وعِشرت کي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي جوانيءَ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي اِطاعت جي طرف اڳرائي ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ ان خوش نصيب کي ٻاهتر (72) صِدّيقِن جي برابر ثواب عطا فرمائيندو.[2]

## الله عَزَّوَجَلَّ جو حقيقي ٻانهو

(3) بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مخلوق ۾ ان خُوبصورت نوجوان کي سڀ کان وڌيڪ پسند فرمائيندو آهي جيڪو پنهنجي جوانيءَ ۽ حُسن و جمال کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ صَرف ڪري ڇڏيو، الله عَزَّوَجَلَّ فرشتن جي سامهون اهڙي ٻانهي تي فَخر ڪندي ارشاد فرمائيندو آهي ته ”هي منهنجو حقيقي ٻانهو آهي.“[3]

## الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب ٻانهو

(4) بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ان نوجوان سان مَحَبَّت فرمائيندو آهي جنهن پنهنجي جوانيءَ کي اِطاعتِ خُداوَندي ۾ فنا ڪري ڇڏيو هجي.[4]

---

1... الترغيب فی فضائل الاعمال و ثواب ذلک،ص۷۸،حديث:۲۲۸

2...کنزالعمال، کتاب المواعظ والرقائق...الخ،الفصل الاول،الترغيب الاحادی من الاقوال،الجزء: ۸،۳۳۲/۱۵ ،حديث:۴۳۰۹۹

3...کنزالعمال،الفصل الاول،کتاب المواعظ والرقائق والخطب و الحکم،الترغيب الاحادی من الاقوال،الجزء: ۸،۳۳۲/۱۵ حديث:۴۲۰۹۶

4...حلية الاولياء،عبد الملک بن عمر بن عبد العزيز،۳۹۴/۵،حديث:۷۴۹۶



www.dawateislami.net

محبت میں اپنی گما یا اِلٰہی　　نہ پاؤں میں اپنا پتا یا اِلٰہی
تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے　　مرے غَوث کا واسِطہ یا الٰہی

(وسائلِ بخشش ص 105)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته جواني جي قدر ڪرڻ وارن تي الله عَزَّوَجَلَّ ڪهڙو خاص فضل ۽ ڪرم فرمائيندو آهي جو ان کي پنهنجي محبوب ٻانهن ۾ شامل فرمائي وٺندو آهي. تنهنڪري نوجوانن جي خِدمت ۾ عرض آهي، ته جيڪڏهن پوڙهائپ ۾ سُڪون ۽ اِطمينان واري زِندگي گُذارڻ جا خواهشمند آهيون ته جواني جي نعمت کي غنيمت ڄاڻيندي ان فاني دُنيا جي پويان ڀڄڻ جي بجائي پنهنجي نَفس کي عبادت ۽ رِياضت جي طرف مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون . جڏهن ته هي بي حَد مشڪل آهي، ڇو جو جوانيءَ ۾ اُميدون ۽ خواهشون عُروج تي هونديون آهن، پر جيڪڏهن اسان ٻين مُعاملن سان گڏوگڏ حُضُورِاَڪرَم، نُورِمُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪندي حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عِبادت ۽ رِياضت سان سينگاريل پاڪيزه زندگي جي مطابق عمل ڪنداسين، ته اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جي زندگي ۾ به مدني بهارون اچي وينديون.

## آقا عَلَيۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو ذَوقِ عبادت

حَضرَتِ سَيّدُنَا عَطَاء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: آئون ۽ مون سان گڏ حَضرَتِ سَيّدُنَا اِبنِ عمر ۽ حَضرَتِ سَيّدُنَا عُبَيد بن عَمروٌ رِضۡوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِين اُمُّ الْمُؤمِنِين حَضرَتِ سَيّدَتُنا عائشه صدّيقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي بارگاهِ عاليه ۾ حاضر ٿياسين.



www.dawateislami.net

حَضرَتِ سَيِّدُنَا ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن عرض ڪيو: اسان کي رَسُوْلُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي متعلق ڪا حيران ڪندڙ ڳالھ ٻڌايو. ته پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روئي پيون ۽ ارشاد فرمايو: هڪ رات رَسُول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف وٺي آيا ۽ فرمائڻ لڳا: مون کي اجازت ڏي ته آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪريان. مون عرض ڪيو: مون کي پنهنجي خواهش جي بجائي، توهان جو رَبّ تعاليٰ جي ويجهو هئڻ وڌيڪ پسند آهي. جيئن ته حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڪري ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا. پوءِ چڱي طرح وُضو ڪري قرآنِ ڪريم پڙهڻ شُروع ڪيو ته ٻيهر لڙڪ وهائڻ لڳا، ايستائين جو حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين مُبارَڪ کان نڪرڻ وارا مبارڪ لڙڪ زمين تائين وڃي پهتا. ايتري ۾ مُؤذِنِ رَسُول، حَضرَتِ سَيِّدُنَا بِلَال حَبَشِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حاضر ٿيا ته حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روئيندو ڏسي ڪري عرض ڪيو: يارَسُول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ، اوهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قُربان! ڪنهن شيءِ اوهان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روئاريو آهي؟ جڏهن ته توهان جي صَدقي ته الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کان اڳين ۽ پوين جا گُناه بخش فرمائيندو، ارشاد فرمايو: ڇا آئون شُڪر گذار ٻانهو نه ٿيان؟ (1)

روتا ہے جو راتوں کو اُمّت کی محبّت میں
وہ شافعِ محشر ہے سردار مدینے کا

راتوں کو جو روتا ہے اور خاک پہ سوتا ہے
غم خوار ہے، سادہ ہے مختار مدینے کا

قبضے میں دو عالم ہیں پَر ہاتھ کا تکیہ ہے
سوتا ہے چٹائی پر سَردار مدینے کا

---

1... درّة الناصحين ،المجلس الخامس والستون:فی بيان البكاء ، ص٢٥٣-٢٥٤



www.dawateislami.net

(وسائلِ بخشش ص 180)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ! اسان جا بخشيل بخشايل آقاءِ اسان گنهگارن کي بخشوائڻ وارا مُصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معصوم بلڪ سَيدُالمعصُومِين ۽ سَيدُالعَابِدين (عبادت گذارن جا سردار) هئڻ جي باوُجُود ڪيتري قَدر گِريہ ۽ زاري سان اللّٰهُ رَبُّ العلمين عَزَّوَجَلَّ جي عِبادت ڪندا هئا، جڏهن تہ حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت ايتري قَدر بُلند ۽ بالا آهي جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مالڪ ۽ مُختار بڻايو آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بِاذنِ الٰهي، پنهنجي اِختيار سان روزِ محشر بخشش سان نااُميد ٿيڻ وارن گنهگارن جي شَفاعت فرمائيندا. حضور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي شانِ رِفعت نشان بيان فرمائن ٿا: (قيامت جي ڏينهن) سڀ کان پهريان آئون (پنهنجي مزارِ فائضُ الأنوار کان) ٻاهر تشريف آڻيندس، جڏهن ماڻهو گروهہ جي صُورت ۾ ايندا تہ آئون ئي انهن جو رهنُما هوندس، جڏهن اهي (قيامت جي هولناڪين جي سبب) خاموش ٿي ويندا، تہ آئون ئي انهن جو خطيب (خطبو پڙهڻ وارو) هوندس، جڏهن اهي روڪيا ويندا تہ آئون ئي انهن جو سِفارشي هوندس، جڏهن اُهي نااُميد ٿي ويندا تہ آئون ئي انهن کي خُوشخبري ٻُڌائڻ وارو هوندس. بُزرگي ۽ (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي) تمام خزانن جون چاٻيون، ان ڏينهن منهنجي هٿن ۾ هونديون ۽ آئون اولادِ آدم ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ بُزرگي وارو هوندس، هڪ هزار(1000) خدمت گُذار منهنجي اِرد گرد هوندا. (دارمی،باب ما اعطی النبی من الفضل،۳۹/۱، حدیث:۴۸)

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! قُربان وڃو! اوّلين ۽ آخرين جي سردار ۽ بِاذنِ اللّٰه،



www.dawateislami.net

مالڪ ۽ مختار هئڻ جي باوُجُود بہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شوقِ عبادت جو هي عالَم هو جو ڪثرتِ عبادت جي سبب نازڪ قدمن (پيرن) تي وَرَم (سوڄ) جا آثار ظاهر ٿي ويندا هئا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمّت جي گُناهگارن جي بخشش جي خاطر آه و زاري فرمائيندا هئا. ان مان بِالخُصُوص ان نوجوانن جي لاءِ نصيحت جا مدني گُل مَوجُود آهن جن جو دل عبادت جي طرف مائل نہ ٿو ٿئي ۽ اهي سڄي سڄي رات فُضُول ۽ بيڪار ڪمن ۾ برباد ڪري ڇڏيندا آهن، تنهنڪري اهڙن نوجوانن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ خدارا! مُحسنِ انسانيت، غمخوارِ اُمَّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ لڙڪن کي ياد ڪريو، دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اَحڪامِ خُداوَندي جي بجا آوري، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّتن جي پيروي ۽ اُخروي اِنعامات حاصل ڪرڻ جي حرص ۾ خوب خوب نيڪيون ڪريو.

## جواني کي پوڙهائپ کان پهريان غنيمت سمجهو

ياد رکو! جواني ۾ عبادت جي توفيق نصيب ٿيڻ، ڪنهن نعمتِ عُظميٰ (وڏي نعمت) کان گهٽ ناهي، ڇو جو جواني جي چانئٺ تي قدم رکندي ئي انسان، شيطان جي خطرناڪ چالن، نَفس جي ناجائز خواهشن، بُرن دوستن جي صحبت، دُنيوي مُستقبل بهتر بنائڻ جي فڪرن ۽ فاني دُنيا جي رنگينين ۾ گُم ٿي ڪري دولت ڪمائڻ جي ناجائز طريقن جي سبب گُناهن جي اونڌاهہ ۾ ڀٽڪندو ڦرندو آهي ۽ عبادت ۽ رِياضت جي طرف مائل نہ ٿي سگهندو. ياد رکو! اسان کي تمام ئي مُختصر وقت جي لاءِ دُنيا ۾ موڪليو ويو آهي ۽ ان وَقفي ۾ قبر ۽ حشر جي طويل ترين مُعاملن جي لاءِ تياري بہ ڪرڻي



www.dawateislami.net

آهي، تنهنڪري سمجهدار اهو ئي آهي جيڪو ان مختصر وَقت کي غنيمت ڄاڻيندي قبر ۽ حشر جي تياري ۾ مشغول ٿي وڃي ۽ هڪ گهڙي به پنهنجو قيمتي وَقت فُضُول ڪمن ۾ برباد نه ڪري، ڇو جو معلوم ناهي ته ايندڙ وقت ۾ اهو زِنده به رهندو يا موت ان کي دِگهي عرصي جي لاءِ گهِري ننڊ سُمهاري ڇڏيندو. تنهنڪري جواني ۽ زندگي کي غنيمت ڄاڻيندي نيڪين ۾ مشغول ٿي وڃو.

**حديثِ پاڪ** ۾ اِرشاد ٿئي ٿو ته پنج (5) شين کي پنج (5) شين پهريان غنيمت ڄاڻو: ”پوڙهائپ کان پهريان جواني کي، بيماري کان پهريان تَندُرُستي کي، فقيري کان پهريان اميري کي، مَصروفيت کان پهريان فُرصَت کي ۽ موت کان پهريان زِندَگي کي.“[1] جيڪڏهن اسان به پنهنجي جواني کي غَفلت ۾ گذارڻ جي بجائي قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مشغول ٿي ويندا سين ته ان جي برڪت سان نه صرف اسان جي دُنيا بهتر ٿيندي بلڪ قَبر ۾ به رَبّ تَعاليٰ جي نَوازشون نصيب ٿينديون. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ، اچو ته! انهيءَ متعلق ۾ هڪ تمام ئي پياري حڪايت ٻُڌون ٿا.

## ٻن (2) جنتن جي خوشخبري

اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي زماني ۾ هڪ صالح نوجوان مسجد ۾ عبادت ۾ مشغول رهندو هو. جڏهن ان جو اِنتقال ٿي ويو ته (راتون رات ان جي غسل ۽ ڪفن دَفن جو انتظام ڪرڻ کان پوءِ) صُبح جنهن وَقت اَمِيرُالْمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي

---

1...مِشْكَاةُ المَصَابِيْح،كتاب الرقاق، الفصل الثانى، ٢/ ٢٤٥، حديث:٥١٧٤



www.dawateislami.net

ان واقعي جي خبر ڏني وئي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان جي والد وٽ سندس صالح پُٽ جي انتقال جي تعزيت جي سلسلي ۾ تشريف وٺي ويا، (تعزيت ڪري وٺڻ کان پوءِ) پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ارشاد فرمايو: توهان مون کي خبر چو نہ ڏني؟ (جو آئون بہ ان جي نمازِ جنازه وغيره ۾ شريڪ ٿيان ها) انهن عرض ڪيو: اي اَمِيرُالمُؤمنين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ)!رات (ڪافي) ٿي چڪي هئي، (تنهنڪري توهان جي آرام جي پيشِ نظر توهان کي ٻڌائڻ مُناسب نہ سمجهيو) تہ اَمِيرُالْمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن اِرشاد فرمايو: مون کي ان صالح نوجوان جي قبر وٽ وٺي هلو، تنهنڪري اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سَيدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ۽ اوهان جي ساٿين کي(ان جي) قبر وٽ آندو ويو، تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ان کي سَڏ ڪيو: اي فُلان! (الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:)

وَ لِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

(پاره۲۷،الرحمٰن:۴۶)

ترجَمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪو پنهنجي رَبّ جي حضور بيهڻ کان ڊڄي ان جي واسطي بہ جنّتون آهن.

ان (باعمل) نوجوان قبر جي اندر کان بہ (2) ٻيرا جواب ڏنو: يا اميرَالمؤمنين! منهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ مون کي اُهي بہ جنّتون عطا فرمائي ڇڏيون آهن.

(تاريخِ ابنِ عساکر،عمرو بن جامع بن عمرو بن محمد بن حرب،۴۵/۴۵۰،رقم:۵۳۲۰ ملتقطاً)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! توهان ڏٺوتہ ان نوجوان پنهنجي پُوري زِندگي گُناهن کان بچندي نيڪين ۾ گذاري تہ مرڻ کان پوءِ هي عبادت، ان جي بخشش ۽ مَغفرت جو سبب بڻي ۽ جنّت جون اَعليٰ نعمتون بہ نصيب ٿيون. ياد رکو! هي حُسن ۽ جواني دولتِ فاني آهي ۽ ان تي غُرور ۽ تَڪبُّر حماقت ۽ ناداني آهي .

ڈھل جائے گی یہ جوانی جس پہ تجھ کو ناز ہے  تُو بجالے چاہے جتنا چار دن کا ساز ہے



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تندرستي ۽ جَواني تي گهمنڊ ڪرڻ ۽ رات ڏينهن گُناهن ۾ضايع ڪرڻ جي بجائي اِخلاص ۽ استقامت سان ذَوقِ عبادت ۽ شوقِ تلاوت جو معمول بڻائي رکي، ايتري ۾ جيڪڏهن پوڙهاپ اچي وئيءِ عبادت جي چاهہ بہ باقي رهي تہ صِحَّت ۽ همت نہ هئڻ جي باوُجُود اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان لاچاري جي عالَم ۾ بہ جَواني جي عبادتن جهڙو ثواب ملندو رهندو. جيئن تہ

حضرت سيدُنا اَنَس بن مالِڪ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: "جڏهن ٻانهو (حالتِ اسلام ۾ نيڪيون ڪندي) عُمر جي ان حصي ۾ پهچي وڃي تہ ان کي ڪنهن شيءِ جي مُتَعَلّق (پهريان ڪان) علم هئڻ جي باوُجُود (ضرورت موجب) اهو شيءِ ياد نہ رهي، تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي نامهءِ اَعمال ۾ اهي نيڪيون بہ لکندو رهندو آهي، جيڪي اهي پنهنجي صحّت جي زماني ۾ ڪندو هو.[1]

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا : ''جيڪو پوڙهو ماڻهو پوڙهاپ جي سبب وڌيڪ عبادت نہ ڪري سگهي، پر جواني ۾ ڀرپور عبادتون ڪندو رهيو هو تہ الله تعاليٰ ان کي مَعذور قَرار ڏيندي ان جي نامهءِ اَعمال ۾ اها ئي جواني جي عبادت لکندو آهي.[2]

اِلٰہی ہوں بہت کمزور بندہ　　نہ دنیا میں نہ عُقبٰی میں سزا ہو

(وسائلِ بخشش ص 316)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1... مُسْنَدِ اَبِیْ يَعْلٰی، مسند انس بن مالک،عبداللہ بن عبدالرحمن الانصاری عن انس، ۳/۲۹۳،حدیث:۳۶۶۶

2...مرآة المناجيح، ۸۹/۷



www.dawateislami.net

## عبادت جي بَرَڪت سان پوڙهائپ ۾ به جوان

**حضرت علامہ ابن رجب حنبلي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جواني ۾ عبادت جي متعلق فرمائن ٿا: ”جنهن الله عَزَّوَجَلَّ کي ان وقت ياد رکيو جڏهن هو جوان ۽ صحتمند هو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جو ان وقت خيال رکندو جڏهن هو پوڙهو ۽ ڪمزور ٿي ويندو ۽ اُن کي پوڙهائپ ۾ به بهتر ٻڌڻ جي قوّت، نظر، طاقت ۽ ذهانت عطا فرمائيندو. **حضرت ابوالطيب طِبري** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن سئو سال کان وڌيڪ عمر گذاري، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ذهني ۽ جسماني لحاظ کان تندرست ۽ صحتمند هئا، سندن کان ڪنهن صحت جو راز پڇيو ته ارشاد فرمايائون: مون جواني ۾ پنهنجي جسماني صلاحيتن کي گناهن کان محفوظ رکيو ۽ اڄ جڏهن مان پوڙهو ٿي ويو آهيان ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي منهنجي لاءِ باقي رکيو آهي. ان جي برعڪس **حضرت جنيد** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن هڪ پوڙهي شخص کي ڏٺو جيڪو ماڻهن کان سوال(خيرات) گهري رهيو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: هن شخص جواني ۾ الله عَزَّوَجَلَّ (جي حقوق) کي ضايع ڪيو ته الله عَزَّوَجَلَّ پوڙهائپ ۾ هِن (جي قوت) کي ضايع فرمائي ڇڏيو.“ (مجموعہ رسائلِ ابنِ رجب ،قولہ يحفظک،۳/۱۰۰ملخصاً )

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن پنهنجي جواني جي گُلشن کي عبادت ۽ رياضت جي پاڻي سان سيراب ڪيو ۽ گُناهن کان بچندا رهيا، ته الله عَزَّوَجَلَّ پوڙهائپ ۾ به انهن تي جواني جا اثرات باقي رکيا. پر افسوس! اسان جي نوجوان نَسل عبادت ۽ تِلاوت ۾ مشغول رهڻ جي بجائي موبائل فون، اِنٽرنيٽ، سوشل ميڊيا (Social Media) ۽ ٽي وي جي غلط استعمال جي سبب پنهنجو قيمتي وَقت بي دَردي ۽ بي فڪري سان برباد



www.dawateislami.net

ڪندي نظر اچي رهي آهي. موبائل فون جديد ٽيڪنالوجي جو هڪ حصّو، وَقت جي ضرورت ۽ رابطي جو آسان ذريعو آهي. جتي هي اسان جي لاءِ مُفيد آهي، اُتي ان جو غلط استعمال تمام ئي نُقصان رسائيندڙ آهي. اسان جي اسڪول ۽ ڪالج جا اهي طلبہ و طالبات جن کي اسان مُستقبل جو مِعمار چوندا آهيون، اهي ان آفتِ بد جو شڪار ٿي چڪا آهن، ڪو گيمز جو ديوانو آهي ته ڪو فلمي گانن جو شوقين، ڪنهن جو ميموري ڪارڊ بي حَيا وِڊيوز سان ڀريل آهي ته ڪو نائٽ پيڪيجز مان فائدو حاصل ڪندي پُوري پُوري رات بيهوده ۽ فُحُش گفتگو ۾ گُزاري رهيا هوندا آهن. انهي طرح انٽرنيٽ، دورِجديد جي آسان ۽ مُفيد اِيجاد آهي ان جي دِيني ۽ دُنيوي بي شُمار فائدا آهن، پر ان جي ذَريعي نوجوانن ۾ بي شمار بُرائيون عام ٿي رهيون آهن.

انٽرنيٽ هڪ ڇُري وانگر آهي، جنهن جو صحيح ۽ غلط ٻنهي طرح جو استعمال آهي، پر افسوس! اسان جي معاشري ۾ انٽرنيٽ جو غلط استعمال زياده آهي، انٽرنيٽ تي موجود، فحش مضمون ۽ ڪهاڻيون، بيهوده تصويرون ۽ نفساني خواهشات کي ڀڙڪائڻ واريون بيهوده فلمون، ڊراما نوجوان نسل جي اَخلاق ۽ ڪردار، عادتن ۽ اطوار کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي، پُوري پُوري رات اِنٽرنيٽ تي وڏي بي دردي سان پنهنجو پيسو ۽ قيمتي وقت ضايع ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ماڻهن کي ڌوڪو ڏيڻ، بليڪ ميل ڪرڻ جهڙيون برائيون اسان جي معاشري جي نوجوانن ۾ وڏي تيزي سان عام ٿي رهيون آهن، پهريان ته انٽرنيٽ جو استعمال صرف ڪمپيوٽر تائين محدود هو، پر جڏهن کان هي سهولت موبائل تي موجود ٿي آهي تڏهن کان ننڍي عمر جا ٻار به ان بيماري جو شڪار ٿيجي ڪري پنهنجو مستقبل ضايع ڪري رهيا آهن. ان بيماري ۾ مبتلا نوجوان تعليم



www.dawateislami.net

ڪان محروم تي ڪري معاشري ۾ ڪو اهم مقام حاصل ڪرڻ جي بجائي، اَخلاق ۽ تميز وڃائي ڪري معاشري ۾ ذليل ۽ خوار ٿيندي نظر اچي رهيا آهن. خدارا! غفلت ڪان سجاڳ ٿي وڃو ۽ پنهنجي اِصلاح سان گڏوگڏ پنهنجي اَولاد جي اِصلاح جو بہ ذِهن بڻايو. جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن کي ان جديد ٽيڪنالوجيءَ ڪان مُتعارف ڪرائڻو ئي آهي تہ ان جو صحيح استعمال بہ سيکاريون، ان جي نگراني بہ ڪندا رهون. اِنٽرنيٽ جو فائدو حاصل ڪندي پنهنجي ۽ پنهنجي اَولاد جو قيمتي وَقت صحيح جڳهہ استعمال ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائٽ www.dawateislami.net وزٽ ڪريو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ويب سائٽ تي قرآنِ پاڪ، ترجمو ڪنزالايمان ۽ تفسيرن ڪان علاوه حديث واصولِ حديث، فقہ ۽ اصول فقه، سيرت ۽ تصوف وغيره موضوعن جي متعلق اردو، انگلش، عربي، هندي، گجراتي ۽ دنيا جي مختلف زبانن ۾ ڪتابن ۽ رسالن جو نہ صرف آن لائن مطالعو ڪري سگهجي ٿو، بلڪ فري ڊاؤن لوڊ ۽ پرنٽ آؤٽ جي سهولت بہ دستياب آهي. ان ڪان علاوه شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادِري، رضوي، ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪان پڇيا ويندڙ مختلف سوالن جا دلچسپ جوابن تي مشتمل مدني مُذاڪرا، نگرانِ شُوريٰ ۽ مبلغين **دعوتِ اسلامي** جي سُنَّتن ڀريا بيانات، حمد و نعت، منقبت ۽ اصلاح آموز شارٽ ڪلپس (Short clips) بہ مَوجُود آهن، جنهن کي توهان ڊاؤن لوڊ (Download) ڪري فيس بڪ (Facebook) يا واٽس اپ (Whatsapp) جو صحيح استعمال ڪندي، ٻين اسلامي ڀائرن کي شئير (Share) بہ ڪري سگهو ٿا. شرعي مسائل ۾ رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ آن لائن دارالافتاء ۽ ڏکايل انسانيت



www.dawateislami.net

جي غمخواري ۽ روحاني علاج جي لاءِ تعويذاتِ عطاريہ آن لائن، ڪاٽ ۽ استخاره بہ ڪرائي سگھو ٿا. ان ڪان علاوه **دعوتِ اسلامي** جي ڪجھ شعبہ جات جو تعارف بہ شامل آهي، ڪم و بيش 97 ڪان وڌيڪ شعبہ جات ۽ **دعوتِ اسلامي** جي بين ڪيترن ئي مدني ڪمن ۾ ٿيڻ وارا لکين روپين جي اخراجات ۾ بذريعہ انٽرنيٽ مالي معاونت جو مڪمل طريقي ڪار بہ ڏنو ويو آهي، جنھن جي ذريعي توهان صدقاتِ واجبہ (مثلاً زڪوٰة، فطرو، عُشر، روزن جو فِديو، قَسَم جو ڪفّارو، مِنَّت وغيره) ۽ **نافلہ** (صدقات ۽ خيرات وغيره) **جي** ذريعي نيڪي جي ڪمن ۾ حصو وٺي سگھو ٿا، گڏوگڏ سافٽ وئير جي صورت ۾ المدينہ لائبريري بہ آهي، جنھن کي ڪمپيوٽر ۾ اِنسٽال (Install) ڪري سرچنگ آپشن (Searching Option) جي مدد سان 200 ڪان وڌيڪ ڪتابن ۽ رسالن مان فائدو حاصل ڪري سگھجي ٿو، گڏوگڏ اوقاتُ الصلوٰة سافٽ وئير جي ذريعي مختلف ملڪن ۽ شھرن ۾، سحر ۽ اِفطار ۽ نماز جا وقتَ بہ معلوم ڪري سگھجن ٿا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دؤرِ جديد جي ان اِيجادن جو صحيح استعمال ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان جي غلط استعمال ۽ گُناهن ڪان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪين ۾ دل لڳائڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ ڪنھن گُناھ کي ننڍو سمجھي ڪري هرگز نہ ڪريو، ڇو جو هڪ گُناھ ڪيترين ئي بُرائين جو مجموعو هوندو آهي، يعني مزيد ڏھ (10) بُرائيون پاڻ سان گڏ آڻيندو آهي. جيئن تہ

## گُناھ جي ڏھ (10) نُقصانات

اَمِيرُالْمُؤمِنِين حضرت سَيِّدُنا عمر بن خطّاب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو: گُناھ



www.dawateislami.net

چاهي هڪڙو ئي هجي، پاڻ سان گڏ ڏهه (10) بُريون خصلتون ڪٺي ايندو آهي (1) جڏهن بانهو گُناهه ڪندوآهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي غضب ڏياريندوآهي، جڏهن تہ اهو (رَبّ عَزَّوَجَلَّ) ان بانهي تي (غَضَب فرمائڻ جي) قُدرت رکندو آهي (2) اهو (يعني گُناهه ڪرڻ وارو) اِبليسِ لَعِين کي خوش ڪندو آهي (3) جنّت کان پَري ٿي ويندو آهي، (4) جهنّم جي ويجهو اچي ويندو آهي، (5) اهو پنهنجي سڀ کان پياري شيء يعني پنهنجي جان کي تڪليف ڏيندو آهي، (6) اهو پنهنجي باطن کي ناپاڪ ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن تہ اهو پاڪ هوندو آهي، (7) اهو اعمال لکڻ وارن فرشتن کي اِيذاء ڏيندو آهي، (8) اهو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سندن رو ضہء مُبارڪ ۾ رَنجِيده ڪندو آهي، (9) زمين ۽ آسمان ۾ سڄي مخلوق کي (پنهنجي) نافرماني تي گواهہ بڻائي ڇڏيندو آهي، (10) اهو سيني انسانن سان خيانت ۽ رَبُّ العٰلمين عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندو آهي.[1]

ہماری بگڑی ہوئی عادتیں نکل جائیں ملے گناہوں کے اَمراض سے شفا یارب

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(وسائلِ بخشش ص 376)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ گُناهه هوندو تہ هڪڙو آهي، پر ان جي سبب انسان ڏهه (10) بُرائين جو شڪار ٿي ويندوآهي. تنهنڪري جيڪڏهن بَتقاضاءِ بَشَرِيت گُناهه سَرزد ٿي وڃي تہ فوراً رَبّ تَعاليٰ جي بارگاهہ ۾ سچي توبهہ ڪريو. اَفسوس صَد افسوس! ڪجهہ نادان جواني جي نَشي ۾ فاني دُنيا جي

---

1...بحر الدموع،الفصل الثانی:عواقب المعصية، ص٣٠-٣١



www.dawateislami.net

ڏوڪي ۾ مبُتلا ٿي ڪري ڊگهيون ڊگهيون اُميدون رکندي، غَفلت جي چادر پائي ڪري شرعي اَحڪامن تي عمل نہ ڪندي توبھ جي مُعاملي ۾ مسلسل بهانو ڪندي خُود کي ان طرح  دِلاسو ڏيندا آهن تہ ”اجا تہ منهنجي راند روند جا ڏينهن آهن“، ”فُلان کي ڏسو ان جي تہ ايتري وڏي عُمر ٿي چڪي آهي، پر اجا تائين زندھ آهي جڏهن تہ آئون تہ اجا تندرست ۽ جوان آهيان“، هن طرح جي ڪوڙين ۽ گوگلي اُميدن جي سهاري زِنده رهندا آهن، پوءِ جيئن جيئن جواني جو زَوال شروع ٿيندو آهي تہ پوڙاهپ بہ پنهنجي پاڙ مَضبوط ڪندي ويندي آهي، پوءِ وڃي ڪري اهڙن کي هوش ايندو آهي تہ هاڻي تہ مون کي توبھ ڪري پاڻ کي گُناهن کان بچائڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي  خُوب خُوب عبادت بَجا آڻڻ جو پُختو اِرادو ڪرڻ گهرجي. پوءِ جيڪڏهن نيڪين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي بہ ويندا آهن پر جواني جي ڏينهن کي ياد ڪري  دل کي تڙپائيندا ۽ لڙڪ وهائيندا آهن تہ...

ايڪاش! آئون  پنهنجي جواني کي عبادت ۽ رِياضت ۾ گذاري وٺان ها، پر آه! جواني تہ ڪلھ گذريل ”**ڏينهن**“ وانگر گذري وئي ۽ هاڻي موٽي ڪري وري ڪڏهن بہ واپس نہ ايندي.

## توبھ ۾ تاخير جا سببَ

حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيدُنا امام ابُو حامد محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه عبادت کان غافل جوانن ۽ توبھ ۾ بهانو ڪرڻ وارن کي نصيحت جا مدني گُل اِرشاد فرمائن ٿا: جيستائين توبھ ۾ تاخير ۽ بَهاني جي ڳالھ آهي تو ان ڳالھ تي غور ڪري تہ اَڪثر دَوزخي توبھ ۾ تاخير جي سبب رڙيون ڪري رهيا هوندا ڇو جو بهانو ڪرڻ وارو پنهنجي مُعاملي جي بُنياد آئنده زندگي کي بڻائيندو آهي، جيڪا ان جي اختيار ۾ ناهي. ممڪن آهي اهو ”سڀاڻي“ تائين زِنده نہ رهي



www.dawateislami.net

۽ جيڪڏهن باقي رهجي به ويو ته جهڙي طرح ”اڄ“ گُناهه کي نتو ڇڏي سگهي ته ممڪن آهي ”سڀاڻي“ به ان جي تَرڪ (ڇڏڻ) تي قُدرت نه رکي. ڪاش! هي ڄاڻي وٺي ها ته ”اڄ“ ان جي توبهه ۾ رُڪاوٽ شَهوَت جو غلبو آهي ۽ شَهوَت ته ”سڀاڻي“ به ان کان پَري نه ٿيندي، بلڪ وڌي ويندي، ڇو جو عادت جي سبب هي مزيد پُختَه ٿي ويندي آهي ۽ جنهن شَهوَت کي اِنسان عادت جي ذريعي پُختو ڪري ڇڏيندو آهي، اها هاڻي ان طرح ناهي جنهن کي ان پُختونه ڪيو. هن سبب توبهه ۾ بهانا ڪرڻ وارا هلاڪ ٿي ويا، ڇو جو هي به هم شڪل شين ۾ ته فرق سمجهندا آهن، پر هي نه ٿا سوچن ته شهوتن کان ڇٽڪارو حاصل ڪرڻ مشڪل آهي ۽ ان مُعاملي ۾ سڀ ڏينهن هڪ جهڙا (برابر) آهن.

(ياد رکو!) توبهه ۾ تاخير ڪرڻ واري جي مثال ان ماڻهو وانگر آهي، جنهن کي هڪ وڻ کي پَٽڻ جي ضرورت هجي، پر جڏهن اهو ڏسندو آهي ته وڻ مضبوط آهي ۽ ان کي سخت تڪليف کان سواءِ نه ٿو پَٽي سگهجي ته هي چوندو آهي ته آئون ان کي هڪ سال کان پوءِ پٽيندس، جڏهن ته هي ڄاڻي ٿو ته وڻ جيستائين قائم رهندو آهي، ان جون جَڙون مضبوط ٿينديون ويندون آهن ۽ خود ان (توبهه ۾ تاخير ڪرڻ واري) جي عُمر جيئن جيئن وڌندي ويندي هي ڪمزور ٿيندو ويندو، ته دُنيا ۾ ان کان وڌو اَحمق (بيوقوف) ڪير ناهي جو ان وقت طاقت جي باوُجُود ڪمزور جو مُقابلو نه ڪيو ۽ ان ڳالهه جو منتظر رهيو ته جڏهن هي پاڻ ڪمزور ٿي ويندو ۽ ڪمزور شي مضبوط ٿي ويندي ته ان تي غلبو حاصل ڪري سگهندو!!!

(احياء العلوم،كتاب التوبة،الركن الاول فى دواء التوبة...الخ،۴/۷۲ )

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سو نمُونے | مگر تجھ کو اَندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے | جو آباد تھے وہ محَل اب ہیں سُونے



www.dawateislami.net

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے
ملے خاک میں اَہلِ شاں کیسے کیسے | مکیں ہوگئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے | زمیں کھاگئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جواني ۾ شرعي اَحڪامن ۾ اِطاعتِ الٰهي جي بَجا آوري ۾ سستي ڪرڻ ۾ گُناهن ڀري زندگي کان توبھ ۾ تاخير ڪرڻ وارن نوجوانن کي خوابِ غَفلت کان جڳائڻ جي لاءِ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو هي مُبارَڪ فرمان ڪافي آهي. عقلمند اهو ئي آهي جيڪو زِندگي کي غنيمت ڄاڻيندي گُناهن کان توبھ ڪري وٺي ۽ پنهنجي بقايا زندگي وڏ کان وڏ عبادتِ الٰهي ۾ گذاريندو رهي، بِالْخُصُوص نوجوانن کي توبھ ۾ هرگز تاخير نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو جو الله عَزَّوَجَلَّ کي نوجوان جي توبھ تمام گهڻي پسند آهي، جيئن تہ رسولِ بي مثال، بي بي آمِنہ جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى يُحِبُّ الشَّابَّ التَّائِبَ يعني جواني ۾ توبھ ڪرڻ وارو شخص، الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب آهي.[1] هڪ ٻي جڳهہ تي ارشاد فرمايو: مَا مِنْ شَيْءٍ اَحَبُّ اِلَى اللّٰهِ مِنَ الشَّابِّ التَّائِبِ يعني الله عَزَّوَجَلَّ کي توبھ ڪرڻ واري نوجوان کان وڌيڪ پسنديده ڪو ناهي.[2]

---

1…ڪنزالعمال،ڪتاب التوبة،الفصل الاول فی فضلها والترغیب فیها ،الجزء:۴،۲/۸۷،حدیث:۱۰۱۸۱

2… ڪنزالعمال،حرف المیم،ڪتاب المواعظ و الحکم ،الترغیب الاحادی من الاکمال،الجزء:۸،۱۵/۳۳۲،حدیث:۴۳۱۰۱



www.dawateislami.net

## نوجوانن جي اِصلاح ۾ دعوتِ اسلامي جو ڪردار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن پُرفِتَن دَوْر ۾ قرآن و سُنَّت کان دُور، جواني جي مَستي ۾ مَخْمور، حِرص ۽ هَوَسِ دُنيا جي نَشي ۾ چُور ۽ نفس وشيطان جي هٿان مجبور ٿي ڪري گُناهن جي سيلاب ۾ ٻُڏندڙن نوجوانن جي اِصْلاح ۽اَخْلاقي تَربِيت جي لاءِ تبليغِ قرآ ن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت 63 روزه مدني تَربيتي ڪورس به ٿيندو آهي. ان ڪورس جي اِفادِيت و اَهميت جي مُتَعَلّق شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **فيضانِ سُنت**،جلد پهريون صفحه 510پر فرمائن ٿا:

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي صحبتن سان مالا مال 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس آخرت جي لاءِ ايتري قدر فائديمند آهي جو ان ۾ جيڪو سکڻ لاءِ ملندو آهي ان جا تفصيل معلوم ٿي وڃڻ کان پوءِ دين جو درد رکڻ وارو هر مسلمان هيءُ حسرت ڪندو ته ڪاش مون کي به 63 **ڏينهن وارو تربيتي ڪورس** ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بابُ المدينه کان علاوه ٻين شهرن ۾ به تربيتي ڪورس جو سلسلو ڪيو ويندو آهي. **ان ۾ ڪجهه اهي علوم حاصل ٿيندا آهن جن جو سکڻ** هر عاقل بالغ مسلمان تي فرض آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تربيتي ڪورس ۾ (اخلاقي تربيت سان گڏوگڏ) وضوء، غسل کان سواءِ نماز جو عملي طريقو سيکاريو ويندو آهي، ميّت جي غسل، ڪفن دفن، جنازي ۽ عيد جي نماز جي تربيت ڏني ويندي آهي. رحماني قاعدي جي ذريعي صحيح اُچار سان قرآني حرفن جي ادائيگيءَ جي تعليم ڏني ويندي آهي ۽ قرآن ڪريم جون آخري 20 سورتون زباني حفظ ۽ سُوۡرَةُ الۡمُلۡكِ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ڪيترائي



www.dawateislami.net

نوجوان، دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي چڪا آهن ۽ اُنهن جي بي رونق زندگين ۾ مَدَني بهارون اچي ويون ۽ اهي پنهنجي جواني جي پُر بهار ڏينهن ۾، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي تي وقف ٿي ڪري ان مدَني مقصَد ”مون کي پنهنجي ۽ پُوري دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشِش ڪرڻ آهي“ کي عام ڪرڻ وارا بڻجي ويا.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
تمھیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
نبی کی محبّت میں رونے کا انداز چلے آؤ سِکھلائے گا مَدَنی ماحول
سَنور جائے گی آخِرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص 646)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## رسالو ”جواني ڪيئن گذاريون؟“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نوجوانن ۾ عبادت جو ذوق پيدا ڪرڻ ۽ سُنَّتن تي عمل جو شوق وڌائڻ جي لاءِ، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادِري، رضوي، ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن ١٨ ربيعُ الاَوَّل ١٤١٢ھ بمطابق 26 سِتمبر 1991ء هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ **دعوتِ اسلامي** جي ڀريائين مدني مرڪز جامع مسجد گلزارِ حَبِيب (واقع گلستانِ اُوڪاڙوي بابُ المدينہ ڪراچي) ۾ ”جواني جي عبادت جون فَضيلتون“ جي عُنوان سان بيان فرمايو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اَلْمَدِينَةُ الْعِلْمِيه ان بيان جي مدد سان نئين مواد جي ڪافي اضافي سان گڏ ”جواني ڪيئن گذاريون؟“ جي نالي سان هڪ رسالو



www.dawateislami.net

مُرتّب ڪيو (جنهن جو سنڌي ترجمو بہ شايع ٿيل) آهي. هن رِسالي ۾ قرآني آيات، نصيحت آموز احاديثِ پاڪ ۽ مختلف بُزرگن جي حڪمت سان ڀرپُور واقعن جي ذريعي نوجوان طبقي کي عبادت جي طرف راغب ڪرڻ، اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سچو غلام بڻائڻ ۽ قبر ۽ آخرت جي فڪر پيدا ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. توهان بہ هن رسالي کي مڪتبةُ المدينہ کان هَدِيةً طلب فرمائي ڪري اَوّل تا آخر مُطالَعو فرمايو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ هي رسالو جواني جي مَقصد کي سمجهڻ ۽ عبادت ۾ دل لڳائڻ ۾ ڪافي حد تائين مُعاوِن ثابت ٿيندو. **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان انهن ڪتابن ۽ رسالن کي پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊاؤن لوڊ (*Download*) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان جواني ۾ عبادت جا فضائل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. جيڪي ماڻهو پنهنجي جواني جي گلشن کي عبادت ۽ رِياضت جي خُوش نُما مهڪندڙ گُلن سان سجائيندا آهن، اهي اللہ عَزَّوَجَلَّ کي تمام گهڻا محبوب هوندا آهن، ان جي پيشانين مان عبادت جو نُور نظر ايندو آهي ۽ اهي پوڙهائپ ۾ بہ صحت ۽ تندرست رهندا آهن ۽ مرڻ کان پوءِ جنَّت جي اَبدي (هميشہ رهڻ وارين) نعمتن کان لُطف اَندوز ٿيندا آهن. **اي ڪاش!** اسان بہ پنج وَقت باجماعت نماز مسجد جي پهرين صَف ۾ پڙهڻ وارا پڪا نمازي، تهجد، اِشراق ۽ چاشت جا نوافل جا عادي ۽ سُنّتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

عبادت میں گزرے مری زِندگانی
کرم ہو کرم یاخدا یا اِلٰہی

(وسائلِ بخشش ص 105)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!
صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم، مَدرَسَةُ المدينہ بالغان!

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي بَرَڪت سان جتي ٻيا بي شُمار فَائِدا حاصل ٿيندا آهن اُتي ذيلي حلقي جي ٻارنهن12 مدني ڪمن ۾ اِڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺڻ جو ذِهن بہ ٺهندو آهي. ذيلي حلقي جي ٻارنهن 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **مَدرَسَةُ المَدِينہ بَالِغان** بہ آهي. مَدرَسَةُ الْمدينہ بالِغان ۾ قُرآنِ پاڪ جي تَعۡلِيم ڏني ويندي آهي. قرآنِ پاڪ سکڻ سِيکارڻ جي وڏي فَضِيلت آهي. جيئن تہ، حَضَرَتِ سَيِّدُنا عُثمانِ غَنِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ شَهَنشاهِ مدينہ، قَرارِ قَلب وسينہ، صاحبِ مُعطَّر پسينہ، باعثِ نُزولِ سڪينہ، فَيضِ گنجِينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو:”خَيۡرُكُمۡ مَنۡ تَعَلَّمَ الۡقُرۡاٰنَ وَعَلَّمَه“ يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جيڪو قرآنِ پاڪ سکي ۽ سيکاري .

(صحيح البخاري،كتاب فضائل القرآن،باب خيركم ...الخ،الحديث٥٠٢٧،ج٣،ص٤١٠)

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قرآنِ پاڪ سکڻ ۽ سيکارڻ جي ضرورت ۽ اهميت جي پيشِ نظر قرآنِ پاڪ جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت اسلامي ڀائرن جي لاءِ عمومًا بعد نمازِ عشاء مختلف مسجدن وغيره ۾ هزارين مدرسة المدينه بالِغان جي ترڪيب هوندي آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ مختلف مقامن)۾ وقتن تي هزارين مدرسة المدينه بالغات جي ترڪيب



www.dawateislami.net

هوندي آهي، اسلامي ڀائر، اسلامي ڀائرن کان ۽ اسلامي ڀينرون، اسلامي ڀينرن کان پڙهنديون آهن، حُروف جي دُرست ادائيگي سان ۽ قرآن ڪريم سکڻ سان گڏوگڏ مختلف دعائون ياد ڪندا، نماز جا مسائل سکندا ۽ سنتن جي مفت تعليم حاصل ڪندا آهن. تنهنڪري توهان بہ پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ مدرسة المدينه **بالِغان** ۾ ضرور شرڪت فرمايو. اچو تہ تَرْغِيب جي لاءِ هڪ مَدني بهار ٻُڌئي.جيئن تہ،

**بابُ الْاسلام** (سنڌ) جي مشهور شهر زَم زَم نگر (حيدرآباد) جي مُقيم اسلامي ڀائر (عُمر تقريبًا 28سال) جو بيان آهي: آئون نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ۽ حُصُولِ دُنيا جي جُستجو ۾ مگن هئس. منهنجي علائقي جي اسلامي ڀائرن سان منهنجي واقفيت وڌي تہ اهي مون کي **نيڪي جي دعوت** ڏئي ڪري مَسجد وٺي آيا. جڏهن آئون نَماز پڙهي ڪري مَسجد مان نڪرڻ لڳس تہ هڪ خيرخواه اسلامي ڀائر (جيڪو مَسجد جي دروازي جي ويجهو بيٺل هو) مون کي دَرس ۾ شِرڪت جي گذارش ڪئي. آئون دَرسِ فيضانِ سُنَّت ۾ ويهي رهيس. هي منهنجي **دعوتِ اسلامي** سان رَفاقَت (وابستگي) جي شروعات هئي. پوءِ مون اسلامي ڀائرن جي اِنفِرادي ڪوشش مَدرَسَةُ المدينہ (بالِغان) ۾ پڙهڻ شُروع ڪري ڇڏيو. هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ شِرڪت ڪئي، جتي منهنجي جَذبي کي مديني جا ٻارنهن 12 چنڊ لڳي ويا. ڪجھ هفتن کان پوءِ **اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بيان بَذريعہ ٽيليفون رلي ٿيو. جنهن کي اجتماع ۾ شريڪ اسلامي ڀائرن وڏي غور سان ٻُڌو. بيان کان پوءِ **اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن اجتماعي توبھ ۽ بيعت ڪرائي تہ آئون بہ عطّاري ٻڻجي ويس. پوءِ جيئن جيئن وَقت گُذرندو ويو آئون مَدَني ماحول ۾



www.dawateislami.net

رَنگجندو ويس. آئون پنهنجي ذيلي حلقي ۾ ٻن سالن تائين مَدَني ڪم ڪندو رهيس. مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان مون کي فِقهي مَسائل سان وڏي دِلچَسپي ٿي. عِلمِ دِين سکڻ جي جَذبي جي تحت مون 1999ء ۾ **جامعةُ المدينہ** (فيضانِ عثمان غني گلستانِ جوهر باب المدينہ ڪراچي) ۾ دَرسِ نَظامي ۾ داخلا ورتي. دَرسِ نِظامي سان گڏوگڏ مَدَني ڪم بہ استِقامت سان ڪرڻ جي سَعادَت حاصل ٿيندي رهي. آئون پنهنجي جامِعہ ۾مَدَني ڪمن جو خادِم( ذِمہ دار) هئس. 2005ء ۾ فارِغُ التَّحصِيل هئڻ تي مني مني مُرشدِ ڪريم **امير اهلسنت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن منهنجي مٿي تي دَستارِ فَضِيلت جي طور تي سبز سبز عمامو شَرِيف سجايو. **امير اهلسنت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي فيضان جي صَدَقي اڄ بہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ رهندي مُختلف شُعبہ جات ۾ مدني ڪمن ۾ نيڪي جي دعوت جي ڌُوم مَچائڻ جي سَعادَت حاصل ٿي رهي آهي.

يہی ہے آرزُو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تِلاوت کرنا صُبح وشام میرا کام ہو جائے

مٺامٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا　　جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

اچو تہ سُنت تي عمل جي نيّت سان هلڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

# هلڻ جون سُنتون ۽ آداب

❁ سيپاري 15 سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۰

ترجموڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين ڪي هرگز چيري نہ سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

❁ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (صحيح مسلم ص 1156حديث 2088) ❁ رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجهہ اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن . (الشمائل المحمديه للترمذي ص 87 رقم 118) ❁ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري ڪناري وچٿري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو ❁ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنّت ناهي، هيٺِ نِگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو. ❁ رستي تي بہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداؤد ج 4 ص 480 حديث 5273) ❁ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير



www.dawateislami.net

زخمي ٿيڻ جو بہ انديشو آهي ۽ اخبار يا لکائي وارن دٻن، پيڪٽن ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.
هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بہار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار
سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمع ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان



www.dawateislami.net

ڪي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،



www.dawateislami.net

تيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عنه جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net